
هفتيوار رسالو :357
WEEKLY BOOKLET:357



# فيضانِ اَبو عطّار

SINDHI

- ڪٽ هوا ۾ بلند ٿي ويندي هئي
- ڇا امير اهل سنّت جا والد قادري هئا؟
- سرڪار صلّى الله عليه وآلهٖ وسلّم جو ابو عطار تي ڪرم
- ابو عطار جي وراثت


پيشڪش:
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامی)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربیروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: فيضانِ ابو عطار

ڇاپو پهريون: ذوالحج 1445 هه جون 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

# فيضان ابو عطار

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** 🖃 translation@dawateislami.net

# پهريان هن کي پڙهو

الله پاڪ والد کي اولاد جي مٿان اهڙي چانوَ بڻايو آهي جنهن جي مثال نٿي ملي سگهي. جتي ماءُ جي هنج اولاد لاءِ شفقت جو ”سرچشمو“ آهي، اُتي والد ڇانوَ واري وڻ جو درجو رکي ٿي، جيڪو سخت آزمائشون برداشت ڪري، ڏک، درد سهي ڪري به پنهنجي اولاد لاءِ محنت مزدوري ڪري روزي آڻي ٿو ۽ انهن کي کارائي ٿو. الله پاڪ اسان کي پنهنجي والدين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي، جن جا والدين وفات ڪري ويا آهن الله پاڪ انهن کي غريقِ رحمت فرمائي ۽ انهن جي اولاد کي پنهنجي والدين لاءِ صدقه جاريه وارا نيڪ ڪم ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مدني چينل تي ٿيندڙ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مختلف مدني مذاڪرن جي سوال جواب، بيِن پروگرامن، مختلف ڪتابن ۽ تحريرن وغيره مان مدد وٺي هي رسالو بنام ”فيضان ابوعطار“ تيار ڪيو ويو آهي جيڪو اميرِ اهلِ سنت جي والدِ محترم جي 71هين ورسي 14 ذوالحج شريف 1445 هجري (2024) جي موقعي تي دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلميه (Islamic Research Centre)جي شعبه ”هفتيوار رسالو مطالعي“ جي ڪوشش سان منظرِ عام تي آيو آهي. هن رسالي جي مطالعي سان اميرِ اهلِ سنت جي ابو جان بابت معلومات ملڻ سان گڏوگڏ نيڪ والد جي ڪجهه عادتن جي باري ۾ به خبر پوندي. اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ٻنهي لاءِ هي رسالو هڪ جيترو فائدي مند ثابت ٿيندو، اِنْ شَآءَ الله! ثواب حاصل ڪرڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ هن رسالي کي خوب عام ڪريو ۽ ڪوڙ نيڪيون حاصل ڪريو.

طالبِ دعاءِ غم مدينه و بي حساب مغفرت

ابومحمد طاهر عطاري مدني عفي عنه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ‎ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان ابو عطار

## دعاءِ عطار

ياالله كريم! جيڪو بہ مڪمل رسالو "فيضانِ ابو عطار" پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي ۽ اُن جي سڄي خاندان کي نيڪ نمازي ۽ سچو عاشق رسول بڻاءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جيڪو شخص محبت ۽ شوق سان ٽي پيرا ڏينهن جو ۽ ٽي پيرا رات جو مون تي درودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ سندس اُن ڏينهن ۽ اُن رات جا گُناهہ مُعاف فرمائي ڇڏي . (معجم کبير ، 362/18، حديث: 928)

## ڪَٽ هوا ۾ بلند ٿي ويندي هئي

ڪولمبو (سري لنڪا) جي هڪ صاحب جو بيان آهي تہ اُن پيرانِ پير، پيرِ دستگير حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هڪ چاهيندڙ شخص کي ڏٺو جيڪو حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان منسوب "قصيده غوثيہ" جو عامل هو. انهن جو تعلق پاڪستان جي مشهور شهر ڪراچي سان هو ۽ هُو "S.T.R صالح محمد" نالي فرم (ڪمپني) ۾ ڪولمبو ۾ ملازمت ڪندا هئا. هو اتي

جي عاليشان حنفي ميمڻ مسجد ۾ امام صاحب جي غير موجودگي ۾ موقعو ملندو هو تہ نمازون بہ پڙهائيندا هئا، انهن هڪ عرصي تائين مسجد جا انتظام سنڀاليا ۽ خوب مسجد جي خدمت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. اللّٰه پاڪ انهن جي زبان ۾ اهڙو اثر رکيو هيو جو جڏهن اهي کٽ تي ويهي "قصيده غوثيہ" جو ورد ڪندا هئا تہ سندن کٽ (Bed) زمين کان بلند ٿي ويندي هئي. اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

چا توهان ڄاڻو ٿا هي عاشقِ غوثِ اعظم ۽ قصيده غوثيہ جا عامل ڪير هئا؟ هي نيڪ شخص شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه جا والدِ محترم ”حاجي عبدُالرّحمان بن عبدُالرّحيم واڙي وارا“[1] هئا. اميرِ اهلِ سنت دامت برکاتهم العاليه 1979ع ۾ پنهنجي پاٽيجي ”عبدُالقادر“ جي شاديءَ تي ڪولمبو تشريف وٺي ويا تہ سندن ماسڙ ”حاجي احمد پگهي (مرحوم)“ ڪين والد صاحب جو قصيده غوثيہ پڙهڻ دوران کٽ بلند ٿيڻ وارو واقعو ٻڌايو.

چار پائی بھی قصیدہ سن کے ہوتی تھی بلند
پڑھنا ہے ایسا انوکھا والدِ عطار کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] واڙي وارو برادريءَ جو SURNAME آهي

## قصيده غوثيہ جو تعارف

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! هي قصيدو مبارڪ حضور سيدنا غوث الاعظم حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زبانِ فيض ترجمان مان ادا ٿيو آهي ۽ اسان جي سلسلہ عاليہ قادريہ ۾ ان جو ورد ظاهري ۽ باطني دولت جي حصول جو سبب آهي، (بلڪ هر سلسلي جو مريد ان مان فيض حاصل ڪري سگهي ٿو) ان جا 29 اشعار آهن. هن قصيدي مبارڪ جو روزانو ورد (يعني پڙهڻ) تمام فائديمند آهي

## ”قصيده غوثيہ“ جي ڏه حروف جي نسبت سان قصيده غوثيہ جون 10 برڪتون

﴿1﴾ تسخيرِ خلائق (يعني ماڻهن جون دليون پنهنجي طرف مائل ڪرڻ) جي لاءِ تمام فائديمند آهي ۽ قربِ خداوندي جي حصول جو ذريعو آهي .﴿2﴾ قصيده غوثيہ پڙهڻ سان حافظو وڌي ٿو ﴿3﴾ قصيده غوثيہ پڙهڻ واري کي عربي پڙهڻ ۾ بصيرت حاصل ٿئي ٿي. ﴿4﴾ قصيده غوثيہ هر مشڪل ۽ سخت ڪم لاءِ چاليهه ڏينهن روزانو هڪ هڪ ڀيرو پڙهجي، اِنۡ شَآءَ اللهُ! ڪامياب ٿيندو. ﴿5﴾ قصيده غوثيہ (فريم ڪرائي) جيڪو شخص پنهنجي سامهون رکي (تہ جيئن نظر پوندي رهي) ۽ ٽي ڀيرا پڙهي، مقبولِ بارگاهِ غوثيت ٿيندو ۽ حضور سيدنا غوث الاعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زيارت سان مشرف ٿيندو، اِنۡ شَآءَ اللهُ! .﴿6﴾ هر مرض ۽ تڪليف لاءِ ٽي ڀيرا يا پنج ڀيرا پڙهڻ مفيد آهي .﴿7﴾ سنڍ (يعني ٻي اولاد) عورت ڪنهن صحيح پڙهندڙ (يعني

درست پڙهڻ واري) کان 41 يا 21 ڀيرا قصيده غوثيہ پڙهائي پاڻيءَ تي دم ڪرائي ۽ ان کي ڪنهن بوتل وغيره ۾ محفوظ ڪري ۽ ان مان چاليهہ ڏينهن تائين ٿورو ٿورو پيئي تہ حامله تي ويندي ۽ حضور غوث الاعظم رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي برڪت سان پٽ عطا ٿيندو، اِنۡ شَآءَالله! ﴿8﴾ قصيده غوثيہ پڙهي روغن (يعني تيل) تي دم ڪري ۽ آسيب زده (يعني اثرات واري) جي جسم تي ملي، شرير جن دفع ٿيندو، ان شاء الله .﴿9-10﴾ ظالم کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هر روز پڙهي، ان شاء الله ان کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ ائين ئي ٻيا دشمن بہ دفع ٿي ويندا. اِنۡ شَآءَاللهُ! (مجموعہ اعمالِ رضا، ص217 ، 219 ملخصاً)

بروزِ قیامت ہمیں اپنے جھنڈے
تلے دیجئے گا جگہ غوثِ اعظم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ابو عطار جو تعارف

اميرِ اهلِ سنت جي والد محترم جو نالو ”حاجي عبدُالرحمان بن عبدُالرحيم“ هو. پاڻ پاڪستان ۽ هندستان جي ورهاڱي کان اڳ 1908ع ۾ رياست هند جوناڳڙهہ جي قصبي ”ڪتيانہ“ ۾ پيدا ٿيا. اميرِ اهلِ سنت جا ڏاڏا سائين ”عبدُالرحيم“ سادي طبيعت ۽ عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪندڙ انسان هئا. پاڻ هڪ اسڪول ۾ استاد هئا .

## الله پاڪ جو پسنديده نالو

اميرِ اهلِ سنت جي والد محترم جو نالو ”عبدُالرحمان“ هو ۽ هي وڏو مبارڪ نالو آهي جيئن تہ الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم ارشاد فرمايو: ”توهان جي نالن مان الله پاڪ

جي ويجهو سيني کان وڌيڪ پسنديده نالا عبدُالله ۽ عبدُالرحمان آهن.‘‘

(مسلم، ص 1178، حديث: 2(2132) .)

## ڇا اميرِ اهلِ سنت جا والد صاحب قادري هئا؟

اميرِ اهلِ سنت جي والد محترم حاجي عبدُالرحمان مرحوم جي نالي سان گڏ ڪجهه اسلامي پائر ’’قادري‘‘ لکن ٿا، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن حوالي سان فرمائن ٿا: مون کي والدِ محترم جي سلسلہ قادريہ ۾ بيعت يا سندن پير و مرشد بابت علم ناهي، جو تہ هاڻي اميرِ اهلِ سنت جو کو وڏو ڀاءُ يا ڀيڻ وغيره حيات ناهي جو هن ڳالهہ جي تصديق ڪري سگهي، باقي مشهور محاوري ’’زبانِ خلق نقاره خدا‘‘جي مصداق ممکن آهي پاڻ ’’قادري‘‘ ٿي هجن جيئن تہ شروع ۾ حضور غوثِ پاڪ شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قصيده غوثيہ جو باقاعدگي سان انهن جي معمول جو بيان ٿيو. واللهُ اَعْلَمُ بالصّواب (۽ الله پاڪ ئي صحيح ڳالهہ کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو.)

## والدين جي پاڪستان آمد

پاڪستان بنجڻ کان پوءِ هجرت ڪري اچڻ وارن مسلمانن جي وڏي تعداد ۾ اميرِ اهلِ سنت جا والدين بہ هئا. شروع ۾ تقريباً ٽي مهينا حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) ۾ ترسيا، پوءِ ڪراچي جي علائقي کارادر ۾ واقع بمبئي بازار (جتي اميرِ اهلِ سنت جي ولادت ٿي) ۾ شفٽ ٿي ويا. اميرِ اهلِ سنت جي والد صاحب هڪ ڪمپني ۾ نوڪري شروع ڪئي تہ ان ڪمپني جي هڪ برانچ "ڪولمبو" ۾ بہ هئي ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندن تبادلو "ڪولمبو" ۾ ٿي ويو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ابو عطار جون عادتون

امير اهل سُنت جي ولادت کان تقريباً ڏيڍ سال يا 2 سال پوءِ والدِ محترم جو انتقال ٿي ويو[1] جڏهن اميراهل سُنت وڏو ٿيو تہ سندس هڪ پاڙيسري سندن والد مرحوم جي باري ۾ تمام سنا تاثرات بيان ڪيا، انهن ٻڌايو تہ اوهان جا والد محترم حاجي عبدُالرَحمٰن مرحوم نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهو هئا. اُن جي سُنت جي مطابق هڪ مُٺ ڏاڙهي هئي. اڪثر نگاهون هيٺ ڪري هلندا هئا. پاڻ گفتگو جي دوران حديثون بيان ڪندا هئا. امير اهل سُنت فرمائن ٿا: مون پنهنجي والدِ محترم جي باري ۾ گهر ۾ ٻڌو هو تہ هو سڌا سادا شريف انسان هئا جو ماڻهو ڪين ڌوڪي سان پيسا وٺي ويندا هئا ايئن هي ڪجھ جمع نہ ڪري سگهيا.

تھے وہ حاجی اور نمازی باشرع
تھی زندگی
تھا عقیدہ یا نبی کا والدِ عطار کا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خانداني تعارف

اميرِ اهلِ سنت جي والد، مرحوم حاجي عبدُالرّحمٰن جي ڀائرن ۽ ڀينرن جي تعداد يا نالن بابت ڪابہ معلومات ناهي، پر حاجي عبدُالرّحمٰن مرحوم جا ٽي پٽ ۽ ٽي ڌيئر هيون. سيني کان وڏي پٽ جو نالو عبدُالغني، وچ واري پٽ جو نالو عبدُالعزيز (جيڪو تقريبا

[1] تفصيلي واقعو اڳتي اچي ٿو

6 مهينن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو هو) ۽ سيني کان ننڍي پٽ جو نالو محمد الياس قادري، جڏهن ته ٿي ڌيئرن مان هڪ ڪولمبو ۾ رهندي هئي ۽ ٻه پاڪستان ۾. وڏي ڌيءَ جو نالو "خديجه بائي"،[1] ان کان ننڍي "فاطمه بائي" ۽ سيني کان ننڍي ڌيءَ جو نالو "زهره بائي" هو. اميرِ اهلِ سنت پنهنجي ڀائرن ڀينرن ۾ سيني کان ننڍا آهن، شايد ان ڪري سندن والده مرحومه ڪيس پيار سان "بابو" ڪري سڏيندي هئي.

## والد صاحب جو انتقال

اميرِ اهلِ سنت دامت بَرَكَاتُهُمُ العاليه جي ولادت 26 رمضان شريف 1369 هجري مطابق 12 جولاءِ 1950 تي ٿي. 1370 مطابق 1951 ۾ سندن والد صاحب حج لاءِ روانا ٿيا، ان وقت اميرِ اهلِ سنت جي عمر تقريباً ڏيڊ يا ٻن سالن جي هوندي. اميرِ اهلِ سنت پنهنجي وڏي ڀيڻ جي حوالي سان والد صاحب جي سفرِ حج جي روانگي جو واقعو بيان ڪن ٿا ته مان ٻه پنهنجي گهر جي ٻين ماڻهن سان گڏ والد صاحب کي الوداع ڪرڻ لاءِ ايئرپورٽ ويو هئس. ان وقت حالتون وڏيون پُراَمن هونديون هيون ۽ هوائي جهاز جي بلڪل ويجهو وڃي، جهڙيءَ طرح اڄ ڪلهه اسان هتي بس يا ٽرين جي ويجهو بيهي مسافرن کي رخصت ڪندا آهيون، ايئن مسافرن کي الوداع ڪيو ويندو هو. والد صاحب جي روانگي جي وقت مون کي بخار هو ۽ مون کي هڪ گلابي رنگ جي شال ۾ ويڙهي ڪري ايئرپورٽ وٺي ويا. وڏو ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪافي عرصي تائين مان ان گلابي شال (يعني گلابي

---

[1] ... بائي ميمڻي زبان ۾ تعظيم جو لفظ آهي جيئن مَردن جي لاءِ ڀاءُ.

ڪمبل) کي ڏسندو هيس جنهن ۾ ويڙهي ڪري مون کي والد صاحب کي ڇڏڻ لاءِ ايئرپورٽ وٺي ويا هئا.

## مولانا حشمت علي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي دعا جي برڪت

فضاءِ عرب ۾ والد صاحب پهچي ويا. ايامِ حج (يعني حج جي ڏينهن) ۾ منيٰ شريف ۾ گرم جهولو لڳو، جنهن ۾ ڪيترائي حاجي فوت ٿي ويا ۽ ڪيترائي لاپتا ٿي ويا. اميرِ اهلِ سنت جا والد محترم به گم ٿيڻ وارن ۾ شامل هئا. وڏي ڪوشش ڪان پوءِ به جڏهن هو نه مليا، ته انهن جي هڪ سفر جي رفيق جو بيان آهي ته ان سال خليفه اعليٰ حضرت، حضرت مولانا حشمت علي خان عبيد رضوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه به حج لاءِ آيل هئا. اسان انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿي سڄو معاملو بيان ڪيو ۽ عرض ڪيو ته "توهان دعا فرمايو ته حاجي عبدُالرّحمٰن ملي وڃن." حضرت دعا ڪئي ۽ فرمايو ته ملي ويندا (ان شاءَ اللّٰه). بالآخر هُو جدّه شريف جي هڪ اسپتال ۾ سيريس حالت ۾ مليا. انهن کي جُهولو لڳي ويو هو ۽ هو بچي نه سگهيا ۽ انهيءَ حالت ۾ 14 ذوالحجه الحرام 1370 هجري تي وصال ڪري ويا.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡن.

جس جگہ پر عاشقوں کو موت کی ہے آرزوں — کیا ہی مسکن ہے وہ پیارا والدِ عطار کا
جب حلیمی وہ گئے حج پر وہیں کے ہوگئے — حج ہوا ایسا نرالا والدِ عطار کا

## الله وارن سان حسنِ اعتقاد

اميرِ اهلِ سنت جي والد صاحب جي دوست جو چوڻ آهي: ڪاش! اسان خليفه اعليٰ حضرت حضرتِ مولانا حشمت علي خان عبيد رضوي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کان صرف ملڻ جي دعا ڪرائڻ بدران هيئن دعا ڪرايون ها تہ حاجي عبدُالرّحمٰن صحيح سلامت ملي وڃن ۽ پنهنجن ٻار ٻچن تائين پهچي وڃن. ڇا بعيد الله پاڪ جي رحمت سان دعا قبول ٿي وڃي ها ۽ اهي گهر واپس پهچي وڃن ها. **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

## خوش نصيب حاجي

الله پاڪ ابو عطار حاجي عبدُالرّحمٰن (مرحوم) جي قبر شريف تي پنهنجي رحمتن جي بارش فرمائي. ماشاءاللّٰهُ! اهي ڪيترا خوش قسمت هئا جو انهن کي حج جي سفر دوران وفات ملي. حديثِ پاڪ ۾ حج جي سفر دوران فوت ٿيڻ واري جي وڏي فضيلت بيان ٿي آهي. الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي مڪي، مدني محمدِ عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪو حج لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو، قيامت جي ڏينهن تائين ان لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثواب لکيو ويندو." (معجم اوسط، 93/4، حديث: 5321)

## بي حساب مغفرت جي خوشخبري

مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "جيڪو هن راهہ ۾ حج يا عمري لاءِ نڪتو ۽ فوت ٿي ويو، ان جي

پيشي نہ ٿيندي، نہ حساب ٿيندو ۽ ان کي چيو ويندو تہ جنت ۾ داخل ٿي وڃ." (مسند ابي يعلي الموصلي، 152/4، حديث: 4589)

مجھے ہر سال تم حج پر بلانا یارسولَ اللہ     بُلانا اور مدینہ بھی دکھانا یارسولَ اللہ
رہے ہر سال میرا آنا جانا یارسولَ اللہ     بقیعِ پاک ہو آخِر ٹھکانا یارسولَ اللہ
(وسائلِ بخشش،ص333)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪارِ مدينہ صلی اللہ علیہ واٰلہ وسلم جو ابو عطار تي ڪرم (واقعو)

اميرِ اهلِ سنت دامت بَرَکَاتُہمُ العالیہ جي وڏي ڀيڻ فاطمہ بائيءَ (جن جي وفات جمعي جي ڏينهن 26 ذوالحج شريف 1439 هجري مطابق 7.9.2018 تي ٿئي) اميرِ اهل سنت جي والد صاحب جي انتقال کان پوءِ هڪ مبارڪ خواب ڏٺو. فرمائِن ٿيون: مان ڏسان ٿي تہ والد صاحب هڪ نهايت نوراني چهري واري بزرگ هستي سان گڏ تشريف کڻي آيا ۽ منهنجو هٿ پڪڙي چوڻ لڳا: "ڏيءُ هنن کي سڃاڻين ٿي؟ هي اسان جا آقا مديني وارا مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن." پوءِ نبيِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي نهايت شفقت ڪندي فرمايو: "تون وڏي خوش قسمت آهين."

**الله پاڪ جي انهن سڀني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

واہ واہ کیا ہے رُتبہ ابو عطارؔ کا
ہے کرم ان پر خدا اور میرے
سرکار کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ابو عطار جي وراثت

امیرِ اهلِ سنت جي والد صاحب جائيداد ۾ 120 گز جو هڪ پلاٽ "آدم جي نگر (ڪراچي)" ۾ ڇڏيو. ان وقت اهو علائقو بالڪل غير آباد هو. اميرِ اهلِ سنت پنهنجي وڏي ڀاءُ مرحوم عبدُالغني صاحب سان گڏ وڏا ٿي ڪري ان (پلاٽ) کي ڏسڻ به ويا هئا. والد صاحب جي هڪ ڪتاب "تذڪرۃُ الاوليا" اميرِ اهلِ سنت وٽ هئي، جنهن تي والد صاحب جو نالو لکيل هو.

## اميرِ اهلِ سنت جي والد صاحب جي هڪ دوست سان ملاقات (واقعو)

اميرِ اهلِ سنت جي والد محترم جو هڪ دوست فيڊرل بي ايريا (ڪراچي) ۾ رهندو هو. هڪ دفعي هو اميرِ اهلِ سنت وٽ شهيد مسجد (کارادر، ڪراچي) جتي پاڻ امامت ڪندا هئا، آيو ۽ اچي اميرِ اهلِ سنت کي ٻڌايائين ته مان توهان جي والد صاحب جو دوست آهيان. ڪڏهن منهنجي گهر اچو. اميرِ اهلِ سنت جي ان سان ٻيهر ڪڏهن ملاقات نه ٿي ۽ نه ئي ان جي گهر وڃڻ ٿي سگهيو، نه ته انهن جي ذريعي سندن والد مرحوم بابت ڪجهه وڌيڪ ڳالهيون به معلوم ٿي سگهيون ٿي.

## ابو جان جي ياد ننيڙيءَ دل کي تڙپائي ڇڏيو (واقعو)

اميرِ اهلِ سنت فرمائن ٿا: مان هڪ دفعي ننڍپڻ ۾ گهر جي ڇت تي هئس. منهنجي دل ۾ هي خيال آيو ته "سيئي ٻار ڪنهن نه ڪنهن کي بابا، بابا چئي ڪري انهن سان چنبڙن پيا، پوءِ سندن والد انهن کي گود ۾ کڻي پيار ڪن ٿا، انهن کي شيون وٺي ڏين ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن رانديڪا به وٺي ڏيندا آهن. ڪاش! اسان جي گهر ۾ به بابا هجي ها، مان به ان سان چنبڙان هان، ۽ اهي مون سان پيار ڪن ها." اهو سوچ ڪري منهنجي ننڍڙي دل پرجي آئي، مان بي اختيار روئڻ شروع ڪري ڏنو. منهنجي روئڻ جي آواز ٻڌي، منهنجي وڏي ڀيڻ ڊوڙندي آئي ۽ پنهنجي ننڍڙي يتيم ڀاءُ کي هنج ۾ کڻي دلداري ڏيڻ لڳي .

## دل تي غم جي غلبي جو سبب

غربت ۽ يتيمي جي حالت ۾ اک کوليندڙ، عالمِ اسلام جي علمي ۽ روحاني شخصيت، اميرِ اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ العاليه جي دل تي اڪثر غم جي ڪيفيت غالب رهندي آهي. پنهنجي خاندان، والدين، ڀائرن ۽ ڀينرن جي محبت ۽ اُلفت انساني فطرت جو تقاضو آهي. ننڍپڻ ۾ والد محترم جو انتقال، يتيمي جي حالت ۾ پرورش، گهر ۾ غربت جي ڪري ننڍپڻ کان ئي ڪم ڪرڻ شروع ڪرڻ، جواني ۾ گهر جو واحد سهارو هجڻ، والد جو سايو ڪچي وڄڻ، وڏي ڀاءُ جو ٽرين حادثي ۾ فوت ٿيڻ ۽ پوءِ سڀ کان وڌيڪ پيار ڪرڻ واري

هستي، والده محترمہ جي وفات.[1] ان غم ۽ ڏک دل تي ايترا اثر ڇڏيا جو دل صدمي سان چُور چور ٿي وئي. اهڙي حالت ۾ پاڻ پنهنجي مهربان ۽ شفيق آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ درد ڀري لفظن ۾ اشعار جي صورت ۾ فرياد ڪئي.

گھٹائیں غم کی چھائیں، دل پریشاں یارسولَ اللہ | تمہیں ہو مجھ دُکھی کے دُکھ کا دَرماں یارسولَ اللہ
میں ننھا تھا، چلا والد، جوانی میں گیا بھائی | بہاریں بھی نہ دیکھی تھیں چلی ماں یارسولَ اللہ
سفینے کے پَرَخچے اُڑ چکے ہیں زورِ طُوفاں سے | سنبھالو! میں بھی ڈوبا اے مِری جَاں یارسولَ اللہ
نسیمِ طیبہ سے کہدو دِلِ مُضطَر کو جھونکا دے | غموں کی شام ہو صُبحِ بَہاراں یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش، ص347)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والد محترم جي تدفين

جنهن سال امير اهل سنت جي والد صاحب جو انتقال ٿيو، چيو وڃي ٿو تہ ان سال ڪيترائي حاجي سخت گرم جهولو لڳڻ جي ڪري فوت ٿي ويا. انهن ۾ اميرِ اهل سنت جا والد صاحب 14 ذوالحج تي فوت ٿيا ۽ انهن کي جده شريف جي ڪنهن قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. الله پاڪ انهن کي پنهنجي رحمت ۾ رکي.

(تذڪره امير اهل سنت، قسط: 29 بتغير)

[1] امير اهل سنت جي والده محترمہ جي سيرت جي متعلق معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبةالمدينہ جو رسالو ''فيضان اُمِّ عطار''پڙهو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مفت ۾ ڊائون لوڊ ڪيو.

## ميمڻي ۾ لفظن جو بگاڙ

پين ٻولين وانگر ميمڻي ۾ ٻہ لفظ ۽ نالن کي بگاڙيو وڃي ٿو. قرآني لفظن ۽ عربي نالن ۾ خاص احتياط جي ضرورت آهي. امير اهل سنت دامَت بَرَکاتُهمُ العاليه فرمايو: عبدالرحمن کي اسان جي ميمڻ برادري جا ڪجهہ ماڻهو معاذاللّٰه "اڎ ري مان" چوندا آهن. ايئن نہ ڪرڻ گهرجي بلڪ جيڪو نالو هجي اهوئي استعمال ڪرڻ گهرجي. عبد الرحمن نالو تمام پيارو ۽ مقدس نالو آهي، اللّٰه پاڪ جي مبارڪ نالي جي نسبت سان هن نالي جو احترام تمام گهڻو ڪرڻ گهرجي.

## آبائي ڳوٺ سان لڳاءُ

امير اهل سنت جي والدين جو آبائي ڳوٺ "ڪتيانہ" (ڪت، يانہ) جوناڳڙهہ، گجرات، هند ۾ آهي. انسان کي فطري طور تي پنهنجي اَباڻي ڳوٺ سان لڳاءُ هوندو آهي، پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي اَباڻي ڳوٺ نہ ويا، دعوتِ اسلامي جي ذميوارن هڪ دفعو اتي وڃي اميرِ اهل سنت جي ماءُ جي ايصال ثواب جو سلسلو ڪيو ۽ ان جي وڊيو مدني چينل جي مقبول عام پروگرام "مدني مذاڪري" ۾ ڏيکاري وئي تہ اميرِ اهل سنت فرمايو: مون کي تمام سٺو لڳو، ڪاش! مان بہ پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڏسي سگهان. (ياد رهي اميرِ اهل سنت جي والده جي مزار ڪراچي جي مشهور قبرستان ميوا شاهہ ۾ آهي.)

# والدين جي نيڪي جو اثر

الله پاڪ قرآن شريف جي پندرهين سيپاري ۾ سورت الڪهف ۾ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام جو ٻن يتيم ٻارن جو خزانو بچائڻ وارو واقعو بيان ڪيو آهي جنهن ڪي تفصيل سان "تفسير صراطُ الجنان" يا مڪتبة المدينہ جي رسالي "پراسرار خزانو" ۾ پڙهي سگهجي ٿو. تفاسير ۾ هن واقعي جي حوالي سان لکيل آهي تہ انهن يتيم ٻارن جو ستين يا ڏهين نسل ۾ جيڪو والد هو، اهو نيڪ هو ۽ ان جي نيڪي جي برڪت سان انهن ست يا ڏهن نسلن کان پوءِ ايندڙ ٻارن تي ڪرم ٿيو. اميرِ اهل سنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ هن صدي جي عظيم بزرگن مان آهن. سندن امڙ جو ذڪرِ خير "فيضانِ اُمِّ عطار" نالي رسالي ۾ بيان ٿيو آهي. هُو خوفِ خدا رکندڙ، گهر ۾ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ماهوار يارهين شريف ملهائڻ واري، حقوق العباد جي معاملي ۾ ڊڄڻ واري نيڪ خاتون هيون. امير اهل سنت جا والد بہ نيڪ ۽ پرهيزگار انسان هئا. چا خبر امير اهل سنت کي اڄ دنيا ۾ ملندڙ عظيمُ الشان مقام والدين جي نيڪ اعمال جو صدقو هجي. حضرت عبد الله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: "بيشڪ الله پاڪ انسان جي نيڪوڪاري سان ان جي اولاد ۽ اولاد، در اولاد جي اصلاح فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙيسرين ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهي سيئي الله پاڪ جي طرفان پردي ۽ امان ۾ رهندا آهن."

(تفسير درمنثور، 422/5)

## اميرِ اهل سنت جون ديني خدمتون

اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جون ديني خدمتون زمانو ڄاڻي ٿو، مڃي ٿو. انهن جي محنتن ۽ ڪوششن سان الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق، سنتن ۽ مسلڪِ حق اعلیٰ حضرت کي وڏو فروغ مليو آهي. لکين نوجوانن پنهنجي چهرن تي ڏاڙهيون، مٿن تي عمامي شريف جا تاج سجائي ۽ سنت مطابق زندگي گذارڻ وارا بڻيا، لکين اسلامي ڀينرن غير شرعي فيشن ۽ بي پردگي کان توبہ ڪري اسلامي پردو اختيار ڪيو. الله رب العزت اميرِ اهل سنت جي لڳايل باغ کي تاقيامت وڌائيندو رهي ۽ مديني جي سدا بهار گلن جي صدقي مهڪندڙ رکي. ۽ سندن والدين، جيڪي دراصل اسان جا محسن آهن، انهن کي ان جو بهترين اجر ۽ ثواب پهچائي. الله پاڪ انهن جي صدقي بين والدين کي بہ الله ۽ رسول جي رستي تي هلڻ ۽ پنهنجي اولاد کي هلائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جن کا بیٹا سنیوں کے دل کی دھڑکن بن گیا   مل گیا ہم کو اُتارا والدِ عطار کا

## سلسلہ قادريہ ۾ مريد ٿيڻ جي برڪت

فرمانِ غوثِ پاڪ حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه: الله پاڪ مون سان وعدو فرمايو آهي تہ منهنجي مريدن کي جنت ۾ داخل ڪندو. (بہجة الاسرار، ص 193 ملخصاً)

# فيضانِ ابو عطار مسجد

اَلحَمۡدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مجلس ”خدامُ المساجد والمدارس“ سڄي دنيا ۾ سوين بلڪ هزارين مسجدون ٺاهي چڪي آهي. اللّٰه پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان پهرين جون 2024 جي ڪارڪردگي جي مطابق روزانو اندازاً ڏيڍ کان ٻه مسجدون ٺهي رهيون آهن، ڪٿي پلاٽ ونڻ جو سلسلو آهي ته ڪٿي مسجد جو افتتاح ٿي رهيو آهي، ڪٿي ڪنهن مسجد جي تعمير ٿي رهي آهي ته ڪٿي نمازون شروع ٿي چڪيون آهن. اميرِ اهل سنت جي والدِ محترم حاجي عبد الرحمن جي ايصال ثواب لاءِ ساؤٿ آفريڪا جي شهر جوهانسبرگ جي علائقي "سويٽو (Sowet) "۾ "فيضانِ ابو عطار" نالي مسجد قائم ڪئي وئي آهي. دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران حاجي محمد عمران عطاري مَدظله العالی فرمايو: هن مسجد ۾ روزانو اوسطاً ٻه غير مسلم اچي مسلمان ٿين ٿا، (مسجد جي اَطراف ۾ غير مسلم آبادي به آهي) اُن مسجد جا امام صاحب به پهريان غير مسلم هئا، ڪجهه سال اڳ انهن اسلام قبول ڪري دعوتِ اسلامي جي مدرسة المدينہ مان قرآنِ شريف حفظ ڪيو ۽ پوءِ جامعةالمدينہ جي ذريعي درسِ نظامي (عالم ڪورس) ڪري مَدَني بڻجي ويا ۽ هاڻي فيضانِ عطار مسجد ۾ امامت ڪري رهيا آهن.

اللہ! کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

(وسائلِ بخشش،ص322)

## مشوري طور عرض آهي

اَلحمدُ لِلّٰہ! شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوی دامت بَرَکاتُهمُ العاليه هن دور جي وڏي علمي ۽ روحاني شخصيت آهن جن جي برڪت سان هزارين غير مسلم مسلمان ٿيا ۽ لکين مسلمانن جون زندگيون بدلجي ويون ۽ اهي راهِ سنت تي هلڻ لڳا. مسلمانن جي خيرخواهيءَ جي جذبي تحت مشوري طور عرض آهي تہ توهان بہ اميرِ اهل سنت دامت بَرَکاتُهمُ العاليه جي ذريعي سيّدي حضورِ غوث پاڪ حضرتِ شيخ عبد القادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سلسلي ۾ مريد ٿي وڃو. ۽ جيڪڏهن توهان اڳ ۾ ڪنهن پير صاحب جا مريد آهيو تہ بيعتِ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ طالب ٿي وڃو، پنهنجن ٻارن کي بہ بيعت ڪرائي ڇڏيو، پنهنجي گهر جي هر فرد ۽ تمام سڄاڻ وارن کي هن نيڪ ڪم لاءِ تيار ڪيو. مريد ٿيڻ ۾ ڪجهه خرچ نٿو ٿئي، مفت ۾ ڪيترائي ثواب جا خزانا هٿ اچي وڃن ٿا ۽ دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون ملن ٿيون.

## WhatsApp جي ذريعي مريد بڻجو


مريد ٿيڻ يا ڪنهن ٻئي کي مريد ڪرائڻ لاءِ ان جو نالو مع ولديت ۽ عمر لکي +923212626112 تي واٽس اَپ ڪيو. هن نمبر تي ڪال اٽينڊ ناهي ٿيندي ، فقط ٽيڪسٽ جي صورت ۾ هي تفصيل موڪليو.

# امير اهل سُنت جي والد جي شان ۾ ڪجھ شعر

چار پائی بھی قصیدہ سن کے ہوتی تھی بلند — پڑھنا ہے ایسا انوکھا والد عطار کا
تھے وہ حاجی اور نمازی باشرع تھی زندگی — تھا عقیدہ یا نبی کا والد عطار کا
جن کا بیٹا سنیوں کے دل کی دھڑکن بن گیا — مل گیا ہم کو اُتارا والد عطار کا
جس جگہ پر عاشقوں کو موت کی ہے آرزو — کیا ہی مسکن ہے وہ پیارا والدِ عطار کا
جب حلیمی وہ گئے حج پر وہیں کے ہوگئے — حج ہوا ایسا نرالا والدِ عطار کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





978-969-722-667-2
01082498



فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net